خبرنامو

# سنڌي ٻولي

حيدرآباد

سيپٽمبر-ڊسمبر 2023ع




سنڌي ٻولي سکيا مرڪزن جو افتتاح







مصنوعي ذهانت، ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آئيندو


سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، سنڌ

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY HYDERABAD

2nd INTERNATIONAL SINDHI LANGUAGE CONFERENCE 2024

## ٻين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس 2024ع

4 ۽ 5 مئي 2024ع

# سنڌي ٻولي، سنڌو لکت ۽ اصلوڪي ڄاڻ ۽ ورثي جي ذريعي طور ٻولي

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران، 4 ۽ 5 مئي، 2024ع تي 'سنڌي ٻولي، سنڌو لکت ۽ اصلوڪي ڄاڻ ۽ ورثي جي ذريعي طور ٻولي' جي عنوان هيٺ 'ٻين عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس' ڪوٺائي پئي وڃي. ڪراچيءَ ۾ ٿيندڙ هن عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس ۾ ڏيهه توڙي پرڏيهه جا عالم، اسڪالر، ٻولي ۽ لسانيات جا ماهر، رسم الخط، آرڪيالاجي، تاريخ، اينٿراپالاجي ۽ سماجي سائنس جي ٻين شعبن سان لاڳاپيل ماهر پنهنجا تحقيقي مقالا پيش ڪندا.

هن ڪانفرنس جو مقصد، ٻولي ۽ ڄاڻ ڪي هڪ اصلوڪي ورثي طور بحث هيٺ آڻڻ آهي. جيئن تہ ٻولي سماجي زندگيءَ جو هڪ پيچيده حصو آهي، ان ڪري ڄاڻ ۽ ورثي طور ٻوليءَ جو هيءُ نظريو ڪيترن ئي سوالن جا جواب ڳولڻ ۾ مدد ڪندو، جيڪي سماجي ۽ ثقافتي ميدان ۾ وڏيڪ تحقيق جا گهرجائو آهن. ٻولين جي علمي لغوي، متني، علامتي، استعاراتي، فڪري، تنقيدي ۽ نظرياتي رنگارنگي،ڪهڙيءَ ريت علم جي بنياد ۽ واڌ ويجهہ ۾ ڪردار ادا ڪري ٿي ۽ ٻولي ثقافتي ورثي ۽ علم جي منتقليءَ جو هڪ اهم حصو ڪيئن بڻجي ٿي، هيءَ ڪانفرنس انهن نُڪتن کي بحث هيٺ آڻيندي ۽ ملندڙ تجويزن کي آئندي ٿيندڙ تحقيق لاءِ مددي مواد طور محفوظ ڪندي.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، سنڌ سرڪار جو هڪ خودمختيار ادارو آهي، جيڪو ثقافت کاتي جو حصو آهي. هن اداري جو بنيادي ڪم سنڌي ٻوليءَ جي استعمال، واڌ ويجهہ ۽ ڦهلاءَ کي هٿي ڏيڻ آهي. هن اداري پاران 2023ع کان وٺي 'عالمي سنڌي ٻولي ڪانفرنس' جي روايت وڌي وئي آهي، جنهن سلسلي جي هيءَ ٻي ڪانفرنس آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ٻولي ۽ لسانيات، رسم الخط، تاريخ، اينٿراپالاجي ۽ سماجي سائنس جي ٻين شعبن سان لاڳاپيل ماهرن، اسڪالرن، محققن ۽ شاگردن کي دعوت ڏئي ٿو تہ اهي هيٺ ڄاڻايل موضوعن تي پنهنجي تحقيقي مقالي جو تت ۽ مختصر تعارف اي ميل ذريعي موڪلي ڏين.

slaconference2024@sindhila.edu.pk

## ڪانفرنس جا موضوع

1. سنڌو لکت تي ٿيل نئين تحقيق
2. پاڪستان ۾ مادري ٻولين جا مسئلا ۽ حل
3. سنڌي ٻولي- ڄاڻ ۽ سکيا جو وسيلو
4. پاڪستان ۾ سرجندڙ مادري ٻولين جي ادب جو اڀياس (نثر/نظم)
5. آڳاٽي سنڌو ماتريءَ بابت سماجي ۽ ثقافتي ڄاڻ جا نوان ذريعا
6. پاڪستان ۾ لسانيات جي تحقيق
7. پاڪستان جي مادري ٻولين ۾ سرجندڙ لوڪ ادب جي نئين ڄاڻ
8. پاڪستان ۾ لسانيات تي ٿيندڙ تحقيق جو جائزو
9. پاڪستاني ٻولين ۾ ترجمي ڪاري جي نون رخن جي ڄاڻ
10. مادري ٻولي ۾ تحيقيق ۽ تنقيد ۾ پيش ايندڙ مسئلا، تجويزون ۽ حل
11. پاڪستان جي مادري ٻولين ۾ صوفي ورثي ۽ ڄاڻ جي ترسيل
12. سوشل ميڊيا تي استعمال ٿيندڙ مادري ٻولين جي واهپي ۽ مسئلن جو جائزو
13. لسانيات جو سائنسي سماجي علمن سان ڳانڍاپو
14. سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، صورتخطي، گرامر ۽ لغت جو نئون اڀياس
15. مصنوعي ذهانت جي دور ۾ آءِ ٽي ۽ ڊجيٽل ميڊيا جي حوالي سان مادري ٻولين جي ڄاڻ
16. دانشوراڻي ۽ تنقيدي نڪتئہ نظر پيدا ڪرڻ ۾ ٻولين جو ڪردار
17. سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات


رابطي لاءِ

+92 302 2967190 | +92 300 3431374

022-9240050-3

https://sl.sindhila.org/

slaconference2024@sindhila.edu.pk

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد

آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان، ڪراچي، پاڪستان

خبرنامو

# سنڌي ٻولي

حيدرآباد

سيپٽمبر- ڊسمبر 2023ع

جلد 23: شمارو: ٽيون 2023ع

Email: khabarnamo@sindhila.edu.pk
Website: www.sindhila.org

چيئرمئن:
ڊاڪٽر اسحاق سميجو

سيڪريٽري:
ڊاڪٽر احسان دانش

ايڊيٽر:
شوڪت چاچڙ
سليم جروار

ٻانهن ٻيلي:
نغما ابڙو

گرافڪس ڊزائينر:
فيصل ميمڻ

فوٽوگرافي:
شوڪت شاهاڻي

ڇپيندڙ: آڪاش پرنٽرز اينڊ پبلشرز حيدرآباد

## اداريو

اداري جي ترجمان 'سنڌي ٻولي' خبرنامي جو تازو شمارو اوهان جي هٿن ۾ آهي، هن پرچي ۾ اداري پاران ٿيندڙ سرگرمين جون رپورٽون ۽ عڪس شامل هوندا آهن. تازو اداري پاران ٻه اهم اڳڀرايون رونما ٿيون آهن، پهرين 'سنڌي ٻولي سکيا مرڪزن' جو قيام ۽ انهن جو افتتاح ۽ ٻيو اهم ڪاج **'ٻارڙن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو'** آهي، جيڪو نه فقط هن اداري جي ناماچاريءَ جو سبب بڻيو پر ٻارڙن ۾ شاهه لطيف سان محبت جي هڪ نئين لهر پيدا ٿي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته هن وقت هيءُ ادارو پنهنجي بنيادي مقصدن: سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ۽ ترقي سميت ان کي عالمي سطح تي مڃتا ڏيارڻ لاءِ جديد انداز سان متحرڪ ٿيو آهي. ٻن ڏينهن واري ٻارن جي ميلي ۽ ڪانفرنس ۾ سوين ٻارڙن، والدين ۽ استادن جي شرڪت نه رڳو ڪاج کي رونق بخشي، پر اهي ٻارڙا شاهه لطيف جي پيغام کان به واقف ٿيا ته منجهن لطيف جي فڪر سان چاهه به پيدا ٿيو. سنڌيءَ جي سکيا جي حوالي سان اهم پيشرفت اها ٿي آهي ته ڪراچيءَ ۾ پهريون ڀيرو اداري نه رڳو ٻوليءَ لاءِ سکيا جا ڪلاس هلائڻ شروع ڪيا آهن پر هڪ ڪئمپ آفيس به قائم ڪئي آهي، اداري پاران ڪراچيءَ ۾ مختلف علمي ادبي سرگرمين، سکيا ورڪشاپن، ليڪچرن وغيره جو پڻ جلد آغاز ڪيو ويندو. سنڌي ٻوليءَ سان چاهه رکندڙ ڏيهي توڙي پرڏيهي ماڻهن لاءِ آن لائن سنڌي سيکارڻ جو پڻ مڪمل انتظام ڪيو ويو آهي. ان کان علاوه حيدرآباد ۽ سکر ۾ پڻ سنڌي سکيا جا مرڪز خانگي استادن، توڙي سنڌي نه ڄاڻندڙ فردن کي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ڏيئي رهيا آهن.

اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو اوهان جي اميدن ۽ خواهشن جي پورائي لاءِ جيڪي ڪوششون وٺي رهيو آهي، سي اوهان لاءِ اطمينان جو باعث بڻجنديون.

ايڊيٽر






# ٻارن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو



سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه ۽ نئين نسل کي سنڌي ٻوليءَ ۽ شاهه لطيف جي شاعريءَ سان ڳنڍڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 9 ۽ 10 ڊسمبر 2023ع تي "ٻارن لاءِ شاهه لطيف جو ميلو" جي عنوان سان ٻن ڏينهن جو ميلو ممتاز مرزا آڊيٽوريم حيدرآباد ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ سڄي سنڌ جي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ تعليمدانن سميت مختلف اسڪولن جي شاگردن ۽ انفرادي طور ٻارڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ميلي جي افتتاحي تقريب جي صدارت ثقافت ۽ راندين واري کاتي جي نگران صوبائي وزير سيد **جنيد علي شاهه** ڪئي. جڏهن ته خاص مهمان اطلاعات ۽ اقليتي معاملن جو نگران صوبائي وزير **سيد احمد شاهه** هو. ان ڪانسواءِ اسٽيج تي اداري جو چيئرمئن ڊاڪٽر **اسحاق سميجو** ناميارو محقق، نقاد ۽ شاعر **تاج جويو** پروفيسر **منوج ڪمار مختيار ملڪ**، مشهور شاعر **اياز گل**، سيڪريٽري ڊاڪٽر **احسان دانش** ۽ ڪمپيئر ياسر قاضي موجود هئا.



● افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ثقافت ۽ راندين واري نگران صوبائي وزير **ڊاڪٽر جنيد علي شاهه** چيو ته، "سنڌ جي ڌرتي ثقافتي ۽ تاريخي ورثن جي لحاظ کان دنيا ۾ شاهوڪار تهذيب طور ليکي وڃي ٿي، پر افسوس جو اسان پنهنجي عظيم ثقافت، تهذيب، تمدن، تاريخ ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جهڙي عظيم المرتبت شاعر کي دنيا آڏو گهربل مقام تائين پهچائي ناهيون سگهيا. شاهه سائينءَ جو پيغام صرف سنڌ لاءِ ناهي پر اهو پيغام سڄي عالم انسانيت لاءِ آهي، جنهن کي سڄي دنيا ۾ ڦهلائڻ جي ضرورت آهي.



●سنڌ جي اطلاعات ۽ اقليتي معاملن جي نگران صوبائي وزير **سيد محمد احمد شاهه** چيو ته، "شاهه عبداللطيف ڀٽائي دنيا جو عظيم فلاسافر ۽ شاعر آهي. سندس شاعريءَ ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام موجود آهي ۽ شاهه لطيف پنهنجي ڪلام جي مک ڪردار لاءِ سنڌ جي سورمين کي چونڊي عورتن جي اهميت ۽ احترام کي اعليٰ مقام تي رسايو. هن چيو ته شاهه لطيف اهو آفاقي ۽ روشن خيال شاعر آهي، جنهن جو تضاد بنياد پرستيءَ ۽ وقت جي حاڪمن سان رهيو. ڀٽائي عام ماڻهو جو شاعر آهي ۽ ان کي نئين نسل تائين رسائڻ لاءِ هن قسم جون سرگرميون تمام ضروري آهن.

●سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن **ڊاڪٽر اسحاق سميجي** افتتاحي تقريب کي









خطاب ڪندي چيو تہ، شاهہ لطيف، سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو پڙ پوٽو هئڻ جي باوجود نہ ڪنهن درگاهہ جو گادي نشين ٿيو ۽ نہ ئي تعويذ ڦيٽا ڪري مرشد بڻيو بلڪ هن پنهنجي شاعريءَ جي وسيلي جديد سنڌ جي اڏاوت ڪئي ۽ اهڙي خوبصورت سنڌ جي اڏاوت ڪئي، جنهن کي هزارين سالن تائين نڪا لهر ۽ نڪو لوڏو آهي. شاهہ لطيف سنڌ کي اها روشني ڏني آهي، جو هاڻي سنڌ ڪڏهن بہ اونداهين ۾ نہ ڀٽڪندي. سنڌ تي جڏهن بہ اوکو وقت آيو آهي، تڏهن سنڌ جي رهنمائي شاهہ لطيف ڪئي آهي. ان ڪري ضرورت آهي تہ اسين پنهنجي نئين نسل کي شاهہ لطيف جي شخصيت ۽ شاعريءَ کان آگاهہ ڪريون. هن قسم جا ميلا سنڌ جي مختلف شهرن سميت دبئي ۽ دنيا جي ٻين شهرن ۾ بہ ٿيڻ گهرجن تہ جيئن شاهہ



لطيف جو پيغام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي سگهجي. هن چيو تہ سائين جي. ايم. سيد کان رسول بخش پليجي تائين جي سيني مدبرن ڀٽائيءَ جي شاعريءَ کي ڪتب آڻيندي سنڌي ٻوليءَ کي اجاگر ڪيو آهي."

●نامياري اديب، شاعر ۽ نقاد **تاج جويي** چيو تہ، "شاهہ لطيف اسان جوئي نہ بلڪ سڄي دنيا جو وڏو شاعر آهي. ڪيس عربي، فارسي ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين تي عبور حاصل هو. پر هن پنهنجي ماءُ ٻوليءَ يعني سنڌي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي. شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ اتحاد، پنهنجن سان محبت ۽ امن جو پيغام ڏنو. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ عورتن کي سورمين جي روپ ۾ پيش ڪيو تہ جيئن عورت جو مرتبو ۽ احترام قائم رهي. هن انسانيت جو سبق ڏنو ۽ مذهبي تفريق کي مٽايو. خوشي اها آهي تہ اسان جي ٻارن کي شاهہ جا بيت ياد آهن، هاڻي سنڌي ٻولي هميشہ امر رهندي."

●نامياري شاعر **اياز گل** خطاب ڪندي چيو تہ، "اسان جي معاشري ۾ انفرادي طور سيپ والدين پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ گهڻو فڪرمند رهن ٿا، جنهن لاءِ هو لکين رپيا خرچ بہ ڪن ٿا، پر اجتماعي طور معاشري جي مضبوطي، ٻوليءَ ۽ علم جي تحفظ لاءِ اسين ڪجهہ ناهيون ڪندا. هن چيو تہ شاهہ لطيف اسان جي حال توڙي مستقبل جو رهنما شاعر آهي. اڄ هي ٻارن لاءِ منعقد ٿيندڙ شاندار پروگرام ڏسي مون کي پنهنجي جيئري هئڻ جو احساس ٿئي ٿو."

●سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سيڪريٽري **ڊاڪٽر احسان دانش** افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي چيو تہ، شاهہ لطيف سنڌ جو عظيم شاعر ۽ مفڪر آهي. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ ۽ ترقي لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري مختلف پروگرام منعقد ڪندو رهي ٿو پر هي اهو ميلو آهي، جنهن جي ذريعي سنڌ جا ٻار شاهہ لطيف ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ويجهو ايندا..











● **پروفيسر منوج ڪمار** پنهنجي تقرير ۾ چيو ته، ”ٻار ئي ٻوليءَ جا محافظ هوندا آهن. لطيف کي فقط اديبن ۽ استادن تائين محدود نه رکون، پر لطيف کي ٻارن تائين پهچايون، جنهن سان لطيف جي ٻولي يعني سنڌي ٻوليءَ جو تحفظ ڪري سگهجي ٿو. اڄ سنڌ جي سيني ادارن کي گذارش ٿو ڪريان ته هن قسم جا پروگرام منعقد ڪن ته جيئن سنڌي ٻولي هميشه قائم دائم هجي.“

● **ناميارِي شاعر مختيار ملڪ** چيو ته، ”شاهه لطيف هر مڪتب فڪر ۽ وڏن توڙي ننڍن ٻارن جو شاعر آهي.“ لطيف سائين جي رسالي ۾ امن، محبت ۽ ڀائيچاري جو پيغام ملي ٿو. هن چيو ته ٻنائيءَ وٽ نج سنڌي ٻولي آهي ۽ هي پروگرام ٻارڙن کي ڀٽائي سان ملائڻ لاءِ اهم وک ثابت ٿيندو.

**سرگرمي 1: ’وڳر ڪيو وتن‘ (خاڪا/ٽيبلوز)**

ميلي جي پهرين سرگرمي **’وڳر ڪيو وتن‘** جي عنوان سان شروع ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف اسڪولن مان ۽ انفرادي طور شريڪ ٿيل ٻارڙن خاڪا ۽ ٽيبلو پيش ڪيا. هن سرگرميءَ جو انچارج علي نواز آريسر، ميزبان ناشاد رضوان ۽ فاطمه اڪبر، جڏهن ته خاص مهمان نصير مرزا ۽ مقابلي جا جج علي دوست عاجز، زيب نظاماڻي ۽ رفيق عيساڻي هئا. مهمان خاص نصير مرزا خطاب ڪندي چيو ته، ”اڄ دل جي گهرائين سان مبارڪباد ٿو ڏيان ۽ اوهان خوش نصيب آهيو جو شاهه لطيف هن وقت ڀٽ شاهه ۾ ناهي، بلڪ اسان سان گڏ هن ميلي ۾ موجود آهي. سنڌ ۾ شاهه لطيف جي ميلي کان پوءِ هي ٻيون اهم علمي ميلو آهي، جنهن جي روايت سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري قائم ڪئي آهي. هن چيو ته سچي دنيا ۾ صحيح معنيٰ ۾ عوامي شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. سيني استادن کي جس هجي، جن شاگردن کي سهڻي نموني تياري ڪرائي آهي.“ هن سرگرمي ۾ پهريون، ٻيو ۽ ٽيون انعام ماڏيندڙ هيٺ ڄاڻايل اسڪولن جا ٻار هئا:

(1) پهريون انعام (روشن تارا اسڪول ڀان سعيد آباد) 30 هزار روڪ ۽ شيلڊ.

(2) ٻيون انعام (دي ڪانسيپٽ اسڪول، ٺٽو) 20 هزار روڪ ۽ شيلڊ.

(3) ٽيون انعام (گورنمينٽ گرلس هاير سيڪنڊري اسڪول، عمرڪوٽ) 10 هزار روڪ ۽ شيلڊ.

**سرگرمي 2: ’ٻالڪ سر منڊل‘**

پهرئين ڏينهن شام جو ’ٻالڪ سر منڊل‘ **(ٻالڪ راڳين جي موسيقي)** جي عنوان سان سرگرمي منعقد ٿي. هن سرگرمي جو انچارج خالد آزاد، ميزبان ناشاد رضوان ۽ خاص مهمان سيد زوار نقوي هو. هن سرگرمي ۾ مختلف اڪيڊمين ۽ اسڪولن جي ٻارن ڀٽائيءَ جو ڪلام پيش ڪيو.

**ميلي جو ٻيو ڏينهن- 10 ڊسمبر 2023ع**

**سرگرمي 1: ’فڪر ڦرهي هٿ ۾‘ (تقريري مقابلو)**

ٻئي ڏينهن پهرين سرگرمي ’فڪر ڦرهي هٿ ۾‘ عنوان سان ٿي. هن سرگرميءَ جا انچارج شاهنواز ارباب ۽ زاهد حسين بليدي، ميزبان نوشين اڄڻ ۽ اسد الله آزاد هنگورجو خاص مهمان مرتضيٰ سيال ۽ مقابلي جا جج ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ، ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو ۽ عزيز گوپانگ هئا. خاص مهمان مرتضيٰ سيال خطاب ڪندي چيو ته، ”حقيقت ۾ اڄ ٻارن جون صلاحيتون، حوصلا ۽ انهن جو







نئون نسل پنهنجي رهبر ۽ سرواڻ جي پيغام کي سمجهي دنيا تائين پهچائي.“ بيت پڙهڻ جي مقابلي ۾ هيٺين ٻارن انعام حاصل ڪيا.

**پهريون انعام:** بنفشه مشتاق ڪيهر 30 هزار روڪ ۽ شيلڊ.

**ٻيو انعام:** سيده ماهه نور 20 هزار روڪ ۽ شيلڊ.

**ٽيون انعام:** سگهڙ مهر النساء 10 هزار روڪ ۽ شيلڊ.

ٻئي ڏينهن ٻارن جي مختلف سرگرمين کان پوءِ شام جو اختتامي تقريب منعقد ٿي، جنهن جي صدارت سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري ڪئي ۽ خاص مهمان ناميارو سياستدان ۽ لطيف جو پارکو اياز لطيف پليجو هو. ان کانسواءِ مقررن ۾ اداري جو چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجو شاعر ۽ تعليميدان مختيار سمون، شاعره ڊاڪٽر رخسانه پريت، سگا جو تعليمي سيڪريٽري پيرل خان کوسو پروفيسر ڊاڪٽر تهمينه مفتي، محقق ڊاڪٽر شير مهراڻي، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ۽ ناميارو شاعر ادل سومرو ۽ ڊاڪٽر احسان دانش شامل هئا.

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي وائيس چانسلر **ڊاڪٽر فتح محمد مري** خطاب ڪندي چيو ته، ”شاهه لطيف سچي سنڌ جو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جو ذڪر ملي ٿو. هن پنهنجي شاعري ۾ سورمين جو ذڪر ڪري عورت جي مقام کي اوچو ڪيو آهي. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جوهيءَ پروگرام تمام اهم آهي. اسان زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام طرفان ايگريڪلچر هيرٽيج ميوزيم قائم ڪري رهيا آهيون. ان کانسواءِ عمرڪوٽ، خيرپور، ڏوڪري ڪيمپسن ۾ ڇوڪرين جي داخلا مفت ۾ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي ته



جيئن سنڌ جون نياڻيون وڏ ۾ وڏ يونيورسٽيءَ ۾ داخلا وٺي پڙهي سگهن.


قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه، نامور ليکڪ ۽ دانشور **اياز لطيف پليجي** خطاب ڪندي چيو ته، ”اڄ هن ميلي ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ شاهه شناس کان پوءِ آءٌ چاهيان ٿو وري ننڍپڻ ڏانهن موٽي وڃجي. ڇو جو ننڍپڻ وارو دؤر سڪون وارو دؤر آهي. ٻار اسان کان هزار دفعا وڏيڪ سمجهدار آهن، ڇاڪاڻ ته هنن جا جذبا مقدس ۽ بنا ملاوٽ واران آهن. اسان وٽ ٻار کي ڪمزور سمجهيو وڃي ٿو پر دراصل شاهه لطيف شاعرئي ڪمزورن جو آهي. ٻارن کي ٻين عنوان سان گڏ شاهه لطيف به پڙهڻ گهرجي. شاهه لطيف پنهنجي دؤر جو وڏو مورخ ۽ شاعر هو ۽ جي اوهان سچ پچ لطيف جا پيروڪار آهيو ته اوهان کي سڄي دنيا جي خبر هجڻ گهرجي.“

اداري جي چيئرمئن **ڊاڪٽر اسحاق سميجي** اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته، ”آءٌ سڀ کان پهرين ٻارن جو ٿورائتو آهيان، جن هن پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو. هن دنيا کي ٻار ئي سڌاريندا ۽ سنواريندا. هن ٻن ڏينهن جي ميلي ۾ ذاتي طور مون ٻارن کان گهڻو سکيو آهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻولي لاءِ نهايت سجاڳ ۽ متحرڪ سمجهيا وڃن ٿا ۽ ٻولي جي حوالي سان سنڌين وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. هن ميلي جو مقصد ٻارن کي سنڌي ٻولي، شاهه لطيف ۽ ان جي شاعريءَ سان واقفيت ڪرائڻ ۽ پنهنجي نئين نسل کي سنڌي ٻوليءَ سان جوڙي رکڻ آهي. اسان جي تاريخ جو شاهه لطيف ئي اهو ماڻهو آهي، جنهن ٽڪرن ۾ ورهايل سنڌ کي ڳنڍي هڪ ٽُڪ جي رليءَ ۾ تبديل ڪيو آهي. آءٌ اهو واعدو ٿو ڪريان ته هي ميلو هر سال لڳندو رهندو.“

نامياري شاعر ۽ ٻارڙن جي ليکڪ **ڊاڪٽر ذوالفقار سيال** خطاب ڪندي چيو ته، ”اڄ پهريون موقعو آهي، جو مون جڏهن ٻارڙن کان شاهه لطيف جو ڪلام ٻڌو آهي ته محسوس ٿيو ته سنڌ لطيف آهي ۽ لطيف سنڌ آهي. سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري کي مبارڪباد ٿو ڏيان جن هيڏو شاندار پروگرام ڪرايو آهي، جنهن ۾ سڄي سنڌ شريڪ ٿي آهي. اسان کي دنيا سان مقابلو ڪرڻو آهي.

نامياري شاعر **ڊاڪٽر ادل سومري** خطاب ڪندي چيو ته، ”هي پروگرام پنهنجي لطيف سان محبت جو اظهار آهي. هتي لطيف سان محبت جو جيڪو ٻارن مظاهرو ڪيو آهي، اهو قابل تعريف آهي. هن قسم جو يادگار پروگرام ڪافي عرصي کان پوءِ ٿيو آهي. اسان جو عظيم شاعر شاهه لطيف آهي، جيڪو سنڌي ٻوليءَ جو محافظ آهي. اسان سڀني جي گهرن ۾ شاهه جو رسالو رکڻ ۽ پڙهڻ گهرجي. سڄي سنڌ شاهه جي رسالي ۾ سمايل آهي.“

محقق **ڊاڪٽر شير مهراڻي** خطاب ڪندي چيو ته، ”سنڌ جي ٻارن تائين شاهه لطيف جي پهچڻ جو مطلب ته لطيف محفوظ هٿن ۾ آهي. ٻار اسان جو آئيندو آهي. هن ميلي ۾ ٻارن جو شاهه سان عشق ڏسي



ڏاڍي خوشي ٿي آھي. سنڌ کي ڪا ڳڻتي نہ ڪرڻ کپي، ڇو تہ سنڌ محفوظ ھٿن ۾ آھي. شاھہ جو رسالو سنڌ جي انسائيڪلوپيڊيا آھي ۽ رسالو کولڻ سان ئي اسان سنڌ جي سرحدن ۾ داخل ٿي وڃون ٿا. لطيف ۽ سندس رسالو سنڌ آھي ۽ اڄ جو ٻار سنڌ جي تصوير آھي.

پروفيسر **ڊاڪٽر تھمينہ مفتي** خطاب ڪندي چيو تہ، ”شاھہ لطيف جو رسالو موھن جي دڙي جي دؤر جي تھذيب کان وٺي ھن دؤر تائين جي علامت آھي ۽ ان ۾ ڪابہ گھٽتائي ڪانہ آئي آھي. شاھہ جو رسالو سنڌي ثقافت جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ ھن ۾ تاريخ، نفسيات ۽ جماليات موجود آھي. شاھہ صاحب پنھنجي ڪلام ۾ عورت کي سٽن سورمين طور تمام گھڻي اھميت ڏني.“



شاعره **ڊاڪٽر رخسانہ پريت** ڳالھائيندي چيو تہ، ”شاھہ صاحب جي شاعري گھڻ پاسائين تمثيلي آھي، ڪنھن بہ شاعر کي سمجھڻ لاءِ ان دؤر جي تاريخ، حالتن ۽ ماحول کي سمجھڻ ضروري آھي.

شاعر ۽ تعليمدان **مختيار سمي** تقرير ڪندي چيو تہ، ”آءٌ سنڌي ٻولي جي اداري جي سموري ٽيم کي مبارڪ ڏيان ٿو جو ھنن ھڪ نمايان ڪم ڪيو آھي. شاھہ سائين کي جنھن طريقي سان ھنن ٻارن ڏانھن منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي. ھن قسم جو ڪم سنڌ جي ٻين ادارن ۾ نٿو ٿئي.

سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن (سگا) جي سيڪريٽري تعليم **پيرل خان ڪوسي** خطاب ڪندي چيو تہ، ”سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان منعقد ڪيل ھن شاندار تقريب تي ڪين مبارڪباد ھجي.

اختتامي ويھڪ ۾ اداري جي سيڪريٽري **ڊاڪٽر احسان دانش** سيني مھمانن جا ٿورا ھن چيو تہ اسان ھن ٻن ڏينھن جي تقريب مان ان نتيجي تي پھتا آھيون تہ جيڪڏھن اسان پنھنجي ٻارن سان شاھہ لطيف کي جوڙي رکڻ ۾ ڪامياب وڃون ٿا تہ پوءِ سنڌي ٻوليءَ کي بہ بچائڻ ۾ ڪامياب ٿي وينداسين. اسان جي ٻوليءَ کي جيڪي داخلي ۽ خارجي خطرا آھن، انھن کان بچاءَ لاءِ اسان وٽ سگھارو ھٿيار شاھہ لطيف آھي.

ھن ميلي دوران **’مصوري ۽ ڪيليگرافي‘** جي سرگرميءَ ۾ حصو وٺندڙ ٻارڙن مان:

**پھريون انعام (30 ھزار روپيا روڪ):** مھرين ايم ھارون (دي ڪانسيپٽ اسڪول، ٺٽو)، **ٻيو انعام (20 ھزار روپيا روڪ ۽ شيلڊ):** مدثر علي (ڪيڊٽ ڪاليج ڪرمپور)، **ٽيون انعام (10 ھزار روپيا روڪ ۽ شيلڊ):** زرياب علي (ڪيڊٽ ڪاليج لاڙڪاڻو) حاصل ڪيو.



ڪليگرافيءَ جي مقابلي ۾ (معذور) خصوصي ٻارن پڻ حصو ورتو جن ۾ ايشا مسڪان، ذاڪر ۽ عبدالسلام (ٻارڙن ۾ پھريون خاص انعام حاصل ڪيو).

جڏھن تہ فضا زينب (آءِ بي اي اسڪول لاڙڪاڻو)، لائبہ فرحت (دي ڪانسيپٽ اسڪول، مڪلي)، زين العابدين (دي ڪانسيپٽ اسڪول مڪلي) ۽ سُميہ بتول (سينٽ بونا وينچر ھاءِ اسڪول حيدرآباد) کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.

ان ميلي جي موقعي تي ٻاھرين اسٽيج تي **”ڏيئا ڏيئا لاٽ“** عنوان سان ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي پروگرام ”ٻارڙن جي ٻاري“ جي رڪارڊنگ پڻ ڪئي وئي. جنھن جو پروڊيوسر خالد چانڊيو ۽ مھمانن ۾ نصير مرزا ۽ ڊاڪٽر منظر حيات قاضي شامل ھئا.

ھن سرگرميءَ ۾ انعام حاصل ڪندڙ ٻارن کي نالي واري آرٽسٽ اياز عالم ابڙي اوارڊ ۽ شيلڊون ڏنيون.

ميلي جي اختتامي تقريب کان پوءِ آخر ۾ **’نرتي تند نياز سين‘** جي عنوان ھيٺ موسيقيءَ جو مقابلو منعقد ڪيو ويو جنھن ۾ پھريون انعام آمنہ (گورنمينٽ پرائمري اسڪول نور محمد شر)، ٻيو انعام مھيش ڪمار (گورنمينٽ بوائز مين پرائمري اسڪول تلھار) ۽ ٽيون انعام دل حسين چاچڙ (روشن تارا ماڊل ھائر سيڪنڊري اسڪول گھوٽڪي) کٽيو. سيني ٻارن کي تاڙين جي گونج ۾ انعام، شيلڊون ۽ يادگار سندون پڻ ڏنيون ويون.

(رپورٽ: صفدر حسين مرزا ۽ نغما ابڙو)

# اداري جي انتظامي معاملن ۽ ملازمن جي 'سروس اسٽرڪچر' جي منظوريءَ لاءِ ثقافت کاتي حڪومت جي معرفت سنڌ ڪابينا ڪي خاڪو موڪلڻ جو فيصلو

رپورٽ



- بورڊ آف گورنرس جي 42 هين اجلاس ۾ 7 نيون ڪميٽيون قائم
- سنڌي سکيا مرڪز قائم ڪرڻ جي منظوري پڻ ڏني وئي
- اداري ۾ پهريون ڀيرو فوتي ڪوٽا پاليسيءَ تحت مقرري

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران بورڊ آف گورنرس جي 42 هين گڏجاڻي، 22 ڊسمبر 2023ع تي، چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن ۾ ثقافت کاتي حڪومت سنڌ پاران جناب عبدالغني مهر (ايڊيشنل سيڪريٽري)، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن پاران جناب وڪرم ڪانفرنسون ڪوٽائڻ ۽ سنڌي سکيا مرڪزن جي قيام جي پڻ منظوري ڏني وئي. اداري جي اڳوڻي ملازم مرحوم نذير چانڊيي جي گهرواريءَ کي فوتي ڪوٽا پاليسي تحت نوڪري ڏيڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو. بورڊ آف گورنرس جي ميمبرن پاران اداري جي ڪارڪردگيءَ تي اطمنان جو اظهار ڪيو ويو.





سنگهه سوڍي ۽ انسٽيٽيوٽ آف لئنگئيج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي شرڪت ڪئي ۽ غير سرڪاري ميمبرن مان ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو جناب علي دوست عاجز، جناب ميرحسن آريسر، ڊاڪٽر فياض لطيف، جناب عزيز ڪنگراڻي، جناب مختيار ملڪ، جناب سني ايچ پنهور، ڊاڪٽر تهمينه مفتي ۽ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي شريڪ ٿيا.

هن گڏجاڻيءَ ۾ نئين بورڊ آف گورنرس کي آجياڻو ڏنو ويو. چيئرمئن پاران ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي وئي. بورڊ آف گورنرس پاران ست نيون ڪميٽيون قائم ڪيون ويون. اداري جي ڪيترين ئي نين ڇپائن جي منظوري ڏني وئي، ڪتابن جي ڇپائي، ٻوليءَ جي حوالي سان

## رُولز نظرثاني ڪميٽي

سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي بورڊ آف گورنرس جي 42 هين گڏجاڻي 22 ڊسمبر 2023ع جي فيصلي جي روشنيءَ ۾ رولز نظرثاني ڪميٽي جي گڏجاڻي 5 جنوري 2024ع تي اداري جي ڪميٽي روم ۾ ٿي گذري. گڏجاڻيءَ ۾ ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، جناب عبدالغني مهر ۽ جناب فياض حسين (امر فياض) ٻرڙو شريڪ ٿيا. هن گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش هلائي. جنهن ۾ ملازمن جي سروس اسٽرڪچر ۽ ترقين بابت تفصيلي فيصلا ڪيا ويا.

## ميڊيڪل ري امبرسمينٽ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي

اداري جي ملازمن جي لاءِ ميڊيڪل ري امبرسمينٽ انڊومينٽ فنڊ جي استعمال لاءِ جوڙيل ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي 31 آڪٽوبر 2023ع تي، اداري جي ڪميٽي روم ۾ چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي صدارت هيٺ ٿي گذري، جنهن ۾ جناب مير محمد شيخ، جناب ذوالفقار علي، ڊاڪٽر علم الدين انصاري، جناب بشارت علي بلوچ، اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر امين محمد لغاري شرڪت ڪئي. ڪميٽيءَ جي اڳيان اداري جي ملازمن جا ميڊيڪل جا بل پيش ڪيا ويا، جن جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪانپوءِ منظوري ڏني وئي.

## سروس اسٽرڪچر ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي

اداري پاران سروس اسٽرڪچر ڪميٽيءَ جي گڏجاڻي 18 آڪٽوبر 2023ع تي، ڪميٽيءَ جي سربراهه مختيار احمد ملاح جي صدارت ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ جناب عبدالغني مهر، ۽ ڊاڪٽر احسان دانش شرڪت ڪئي، جڏهن ته اداري جي چيئرمئن گڏجاڻيءَ ۾ حصو ورتو. ايجنڊا موجب هن ڪميٽيءَ ملازمن جي ترقين ۽ ٻين معاملن تي غور ڪري اُڪلايو. ان موقعي تي اداري جي چيئرمئن ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته، اداري جي ملازمن جي ترقين جا معاملا گذريل 15 سالن کان حل نه ٿي سگهيا آهن. ان بابت اداري ۾ سروس اسٽڪچر موجود نه آهي. هن گڏجاڻيءَ ۾ ملازمن جو سروس اسٽرڪچر ٺاهيو ويو آهي، جيڪو منظوريءَ لاءِ بورڊ آف گورنرس اينڌڙ گڏجاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويندو.

# ٻارن لاءِ شاهه لطيف جي ميلي جا منظر



تقرير ۽ بيت بازي
۾ شريڪ ٻارڙا

ٽيبلو

هڪ غريب ٻار ميلي مان متاثر ٿي
چترڪاري جي ڪوشش ڪئي،
۽ تعليم حاصل ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري

قادر بخش مٺو فن جو مظاهرو ڪندي

ٻارڙا جادوگر جا ڪرتب ڏسندي





## قومي ڪانفرنس


# 'مصنوعي ذهانت، ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آئينده'























آءِ ٽي جي ماهرن ۽ مختلف ادارن جي سربراهن، ٽيڪنالاجيءَ جي هن جديد دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ترقي ڏيارڻ، مصنوعي ذهانت واري ٽيڪنالاجي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي شامل ڪرڻ ۽ ٻوليءَ کي گهربل حيثيت ڏيارڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو آهي ته انٽرنيٽ پورٽل تي وڌ کان وڌ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جو ذخيرو ڪرڻ، آءِ ٽي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ شاگردن ۽ اسڪالرن کي موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ سمورن ادارن کي ٽاسڪ فورس طور ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. هنن اهڙو اظهار سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران 'مصنوعي ذهانت، ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو آئينده' جي موضوع تي سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ گهرايل قومي ڪانفرنس ۾ خطاب ڪندي ڪيو.

ڪانفرنس جي افتتاحي ويهڪ جي صدارت مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طهٰ حسين ڪئي. ڪانفرنس جا مقصد بيان ڪندي سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي چيو ته ' ظاهري طور تي سنڌي ٻوليءَ کي ڪو خطرو ناهي ۽ نه ئي ڪيس ڪنهن مزاحمت جو مقابلو آهي، پر جديد ٽيڪنالاجيءَ جي دور ۾ سنڌي ٻولي ڪٿي هوندي ۽ ان لاءِ اسان ڇا ڇا ڪري سگهون ان حوالي سان گڏ ٿيا آهيون ته جيئن اڄ کان ان طرف نئين شروعات ڪري سگهون. هن چيو ته 'عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ' سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو سوچيو آهي، ساڳيءَ ريت مختلف يونيورسٽين ۾ آءِ ٽي جا شعبا آهن، اهي جيڪڏهن سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان ڪا رٿا جوڙين ته سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو انهن سان هرقسم جو سهڪار ڪندو ته جيئن هن جديد دور ۾ ٻوليءَ جي چيلينجن کي گڏيل طور منهن ڏئي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته مصنوعي ڏاهپ جي ذريعي ختم ٿيندڙ ٻولين کي بچائڻ توڙي محفوظ ڪرڻ لاءِ ڪم جي شروعات ڪئي وئي آهي، اسان به پنهنجي ٻوليءَ کي جديد ٽيڪنالاجي ۾ گهربل حيثيت ڏيارڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون.

مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشوري جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طهٰ حسين صدارت ڪندي چيو ته 'آرٽيفشل انٽيليجنس روبوٽ کان وڌي ٽيڪنالاجي آهي، اسان ان سوچ تائين پهچي به ناهيون سگهيا، پر سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري کي جس هجي جنهن ان موضوع تي ڪانفرنس ڪري نئين شروعات ڪئي آهي ان ڏس ۾ ٻوليءَ



بابت اسان کي گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. هن چيو ته نوجوان اسان جو مستقبل ۽ دماغ آهن، اڄ جو نوجوان استاد کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو ڇو ته استاد جو ڪم سيکارڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ آهي، پر اڄ جي دور ۾ سکيا ۽ رهنمائي لاءِ تمام گهڻا موقعا موجود آهن. چيٽ جي پي ٽي انگريزي يا ٻولين ۾ ڳالهائي ٿو اهو سنڌيءَ ۾ ڇو نٿو ڳالهائي! ان تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي جنهن لاءِ سينٽ کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو.

خاص مهمان، ڪمشنر حيدرآباد، خالد حيدر شاهه چيو ته 'تعليمي ادارن جو بنيادي ڪردار آهي ته اهي مصنوعي ذهانت توڙي جديد ٽيڪنالاجيءَ ڏانهن نئين نسل کي راغب ڪن. اڄ جو نوجوان سڀ کان وڌيڪ ڄاڻي ٿو ان کي وڌيڪ موقعن ۽ ماحول جي ضرورت آهي. هن چيو ته جديد دور سان مقابلي لاءِ يونيورسٽيون نوجوانن کي موقعا فراهم ڪن ۽ اهي ئي اهڙا فورم آهن جن ذريعي ٽيڪنالاجيءَ جو مقابلو ڪري سگهجي ٿو.

عبدالماجد ڀرڳڙي انسٽيٽيوٽ آف لينگئيج انجنيئرنگ جي ڊائريڪٽر امر فياض ٻرڙي چيو ته 'اڄ دنيا هڪ مارڪيٽ ۾ تبديل ٿي وئي آهي، جتي هر شئي وڪامي ٿي. اهڙي وقت ۾ سنڌي ماڻهوءَ وٽ ان گلوبل مارڪيٽ ۾ کپائڻ لاءِ ڇا آهي؟ هن چيو ته اسان وٽ موهن جي دڙي جي لکت، لوڪ ڏاهپ، شاهه جي رسالي جي صورت ۾ تمام وڏو ذخيرو موجود آهي، ان جي ڊيٽابيس ٺاهڻ جي ضرورت آهي، چوته ايندڙ سالن ۾ ڪمپيوٽر ۾ سنڌيءَ جا نج لفظ ٽيڪنالاجيءَ جي زبان ۾ اسان کي ئي ڏيڻا پوندا، جيڪڏهن ان تي ڪم نه ٿيو ته اها وڏي ڀُل هوندي.

سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪئمپس بدين جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر خليل ڪنڀاتيءَ چيو ته 'ٽيڪنالاجي هميشه مسئلن جو حل ڪڍي ڏنو آهي ۽ اهو مصنوعي ذهانت جي ذريعي ممڪن بڻايو ويو آهي. هي سلسلو 1950ع کان هلندڙ آهي. وقت سان گڏ ان ۾ جدتون آيون آهن.

سنڌ يونيورسٽي لاڙڪاڻو ڪئمپس جي پرو وائيس چانسلر ڊاڪٽر اظهر شاهه چيو ته 'ڪمپيوٽر انسان وانگر سوچي ۽ ان تي عمل ڪري گهڻن ڪمن ۾ انسان جو متبادل بڻجي ويو آهي، 1956 کان روبوٽ جي شروعات ٿي ۽ هاڻ فٽبال راند لاءِ به روبوٽ ٺاهيو پيو وڃي، يعني روبوٽ مڪمل انسان بڻجي رهيو آهي. هن چيو ته جديد دور ۽ مصنوعي ذهانت ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ميچ ڏيارڻ لاءِ سمورا ادارا گڏجي ٽاسڪ فورس ناهي ڪم ورهائي کڻن ته ڪو ڪم ڏکيو نه هوندو.

قومي ڪانفرنس جي ٻين ۽ ٽين ويهڪ ۾ آءِ ٽي ۽ جديد ٽيڪنالاجي ۾ مختلف شعبن جي ماهرن ۽ اسڪالرن ڊاڪٽر احسان احمد عرساڻي، ڊاڪٽر اظهر علي شاهه، محمد يعقوب ڪونڊر، اقصا ڪوسو ڊاڪٽر سڪينه شاهه راشدي، مقصوده خاتون، حسنين محبوب، ذوالفقار علي مهر، ڊاڪٽر اياز ڪيريو، امر فياض ٻرڙي، ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو، ڊاڪٽر مطيع الرحمان، ڊاڪٽر محمد نواز تنيو، ڊاڪٽر وحيد ڪلوڙ ۽ ڊاڪٽر رفيق احمد پٺي، مصنوعي ذهانت ۽ جديد ٽيڪنالاجي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آئينده سان لاڳاپيل موضوعن تي پنهنجا مقالا پيش ڪيا ۽ تجويزون ڏنيون. قومي ڪانفرنس جي پڇاڙيءَ تي آيل مهمانن جا ٿورا مڃيندي، سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش چيو ته 'سنڌي ٻوليءَ جي آئينده کي محفوظ ڪرڻ لاءِ ان کي جديد دنيا سان ڳنڍڻ نهايت ضروري آهي. هڙادو ڏاهپ جي دور ۾ مشين ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو وٺندي سنڌي ٻوليءَ کي وڌائڻ ۽ ان جي گهر رکي اپياس جي سلسلي ۾ هيءَ ڪانفرنس اٿارٽيءَ جي پهرين ڪوشش آهي، جنهن مان اسان کي ڪوڙ سارا نتيجا مليا آهن ۽ ان ئي بنياد تي اسان اڳتي ڪم ڪري سگهنداسين.

## ڪانفرنس ۾ پاس ٿيل ٺهراءُ

هن ڪانفرنس ۾ اها گهُر ڪئي وئي ته:

- سنڌ جا سڀئي ميڊيائي ادارا جن ۾ اخبارون، چئنل، رسالا وغيره شامل آهن، اهي پنهنجون ويب سائيٽون اڪري شڪل/ٽيڪسٽ بيسڊ رکن. ته جيئن وڏ کان وڏ سنڌي مواد انٽرنيٽ تي اچي ۽ ڳولڻ سان ملي سگهي ۽ سنڌي لفظن جي ڀنڊار (ڪارپس) ۾ واڌارو ٿئي.
- سنڌ جون سڀئي يونيورسٽيون پنهنجن شعبن ۾ پيش ٿيندڙ تحقيقي مقالن/ٿيسز کي اڪري شڪل ۾ آن لائن ٽيڪسٽ بيسڊ رکن. ته جيئن چيٽ جي پي ٽي يا دنيا جي ٻين سرگرم مصنوعي ذهانت تي ٻڌل لئنگويج ماڊلز ۾ سنڌي ٻوليءَ جو تحقيقي، ادبي ۽ سائنسي مواد شامل ٿي سگهي.
- سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ۽ سنڌي ادبي بورڊ سميت سڀني علمي ۽ اشاعتي ادارن کان گهُر ڪئي وڃي ٿي ته اهي پنهنجو اشاعتي درسي، سائنسي ادب ۽ لوڪ ادب سميت سمورو سنڌي مواد دنيا جي گنڊ گُرڄ تائين پهچي سگهي.

## ڪراچي، سکر ۽ حيدرآباد ۾

# ”سنڌي ٻولي سکيا مرڪز“




> ”منهنجي اکين ۾ اڄ خوشيءَ جا لڙڪ تري آيا آهن، جو هي ڏينهن ڏسڻ جو موقعو مليو، مان پاڻ کي خوشنصيب ٿو سمجهان ته الله سائينءَ مون کي عمر جي هن آخري حصي ۾ هي ڏينهن ڏسڻ لاءِ جيئرو رکيو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مرڪز پيو کلي!“
> -ڊاڪٽر سليمان شيخ

سنڌي ٻوليءَ جي بااختياري پاران سکر، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سکيا مرڪز قائم ڪيا ويا آهن. ڪراچي سينٽر جو افتتاح 20 نومبر 2023ع تي سي-بريز پلازه ڪراچي ۾ ٿيو. جاٽايل افتتاح اڳوڻي صوبائي وزير سيد سردار شاهه، سيڪريٽري ثقافت سنڌ عبدالعليم لاشاري، ناليواري تعليمدان سليمان شيخ، دانشور جامي چانڊيي ۽ اداري جي چيئرمين اسحاق سميجي ڪيو.


ان موقعي تي سيد سردار علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته، مونکي خوشي ٿي آهي، جو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري سنڌي سکيا واري پنهنجي بنيادي مقصد تحت هيءَ پروگرام شروع ڪيو آهي. هن ٻڌايو ته هڪ ڏينهن سنڌ جي وزيراعليٰ کيس فون ڪري چيو ته ڪراچيءَ ۾ سندس هڪ واپاري دوست سنڌي سکڻ جو خواهشمند آهي، اُن لاءِ ڪو اهڙو ادارو يا استاد ڏسو جيڪو کيس سنڌي سيکاري. تنهن وقت اسان کي اهو خيال آيو ته ان ڪيتر ۾ باقاعده ڪم ٿيڻ گهرجي، ۽ اڄ اهو ڪم لئنگئيج اٿارٽيءَ شروع ڪيو آهي. هن ئي اداري جي ’عالمي سنڌي ڪانفرنس‘ ۾ مون سنڌ جي خانگي اسڪولن ۾ سنڌي مضمون جي صورتحال تي ڳڻتيءَ جوا ظهار ڪيو هو پر اڄ اٿارٽيءَ جي هن پروگرام تحت سنڌي استادن جي سکيا جو ڪورس پڻ شروع ٿيڻ نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي. اٿارٽيءَ جي انهن سکيا مرڪزن مان سکيا ورتل استاد پنهنجي سوين شاگردن کي سنڌيءَ جي بهترين تعليم ڏيندا. سردار شاهه ٻڌايو ته هڪ رپورٽ مطابق سنڌ ۾ لکين ٻار خانگي اسڪولن ۾ پڙهن ٿا، جن لاءِ 13 هزار تربيت يافته استاد لازمي آهن ۽ اهي استاد هاڻي اٿارٽيءَ جي هن پروگرام مان فائدو وٺي سگهن ٿا.

افتتاحي تقريب کي ناميار ي سماج سڌارڪ ۽ تعليمدان ڊاڪٽر سليمان شيخ خطاب ڪندي چيو ته ”منهنجي اکين ۾ اڄ خوشيءَ جا لڙڪ تري آيا آهن، جو هي ڏينهن ڏسڻ جو موقعو مليو مان پاڻ کي خوشنصيب ٿو سمجهان ته الله سائينءَ مونکي عمر جي هن آخري حصي ۾ هي ڏينهن ڏسڻ لاءِ جيئرو رکيو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو مرڪز پيو کُلي“ اهو جملو ٻڌي هال ۾ ويٺل اڪثر ماڻهن جون اکيون پڻ پرجي آيون.


سيد سردار شاهه افتتاحي تقريب کي مخاطب

اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي ان موقعي تي چيو ته سليمان شيخ صاحب جي ان جملي سچ پچ ته اسان کي توانائي بخشي آهي ۽ اسين هڪ جذبي تحت سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ لاءِ جاکوڙيندا رهنداسين. چاڪاڻ ته هن سکيا پروگرام جي اعلان ڪانپوءِ ماڻهو پاڻ به دلچسپيءَ سان داخلا حاصل ڪن پيا. جيڪڏهن ڪجهه ڏهاڪا اڳ اهڙيون ڪوششون ٿين ها ته اڄ لساني بنيادن تي ڪي دوريون نه هجن ها. هن وڌيڪ چيو ته 1973 واري آئين ۾ سنڌي سکڻ واري ملازم لاءِ سنڌ ۾ انڪريمنٽ جي ڳالهه به لکيل آهي ۽ ٻين صوبن ۾ ويندڙ عملدارن لاءِ به اُتان جي ٻولي سکڻ آئيني ذميواري آهي.

ناميارو دانشور جامي چانڊيي تقريب ۾ خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي سيني ساڃهه وندن جو خواب هو ته ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري، واڌاري لاءِ عملي ڪم ٿئي، يا اهڙو جو سکيا مرڪز کلي. اڄ ڪراچيءَ جي هن اهم شاهراهه تي ’سنڌي سکيا مرڪز‘ جو سنڌيءَ ۾ لکيل بورڊ ڏسي خوشي ٿئي ٿي. جامي چانڊيي وڌيڪ چيو ته سنڌي ٻولي خوش بخت ٻولي آهي، جنهن کي ڪروڙين ماڻهو ڳالهائين ٿا. هن ٻڌايو ته دنيا جي اٺ ارب ماڻهن مان 2 ارب آبادي رکڻ وارن عيسائين جي مذهبي ٻولي پڻ هاڻ ختم ٿي چڪي آهي، ائين دنيا جون انيڪ ٻوليون آخري پساهن ۾ آهن. پر سنڌي ٻوليءَ جي وارثي سبب ان کي لهر لوڏو ناهي، تنهن هوندي به ان جي بچاءَ، ترقي ۽ ترويج لاءِ فڪرمند رهڻو پوندو، چاڪاڻ جو هي الميو آهي ته سنڌي مڊل ڪلاس جو نئون نسل، سنڌي


سيد رسول بخش شاهه



ڊاڪٽر احسان دانش


مختيار ملڪ



عبدالعليم لاشاري


جامي چانڊيو


ڊاڪٽر اسحاق سميجو


ڊاڪٽر سليمان شيخ


ڊاڪٽر آفتاب ابڙو


امر فياض ٻرڙو


ادريس جتوئي


ياسر قاضي


ڊاڪٽر مظهر ڏوتيو


ڊاڪٽر شير مهراڻي

ٻوليءَ کان ڪٽيل آهي. هن تجويز ڏني تہ ڪراچيءَ سميت وڏن شهرن ۾ سنڌي سکڻ لاءِ جاڳرتا مهم هلائي وڃي. هن مرڪز ۾ ٻارن توڙي وڏڙن کي سنڌيءَ جي سکيا ڏئي سگهجي ٿي.

ثقافت کاتي جي سيڪريٽري عبدالعليم لاشاري پنهنجي تقرير ۾ اداري جي ڪوششن کي ساراهيو هن چيو تہ اڄ انڪري بہ خوشي ٿئي ٿي تہ جو هيءُ سنڌ جي آئيندي لاءِ لاياٿي پروگرام جي شروعات آهي. هن چيو تہ ڪراچيءَ ۾ هن قسم جو سکيا مرڪز سنڌي لئينگئيج اٿارٽيءَ جي قيام سان گڏ قائم ٿيڻ کپندو هو پر دير ئي سهي، هي اهم ۽ وقتائتو قدم آهي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريان سنڌي پڙهائيندڙ استادن کي سکيا ڏني پئي وڃي جيڪي اڳتي هلي سوين شاگردن کي ٻوليءَ جي اهميت سمجهائيندا ۽ درست نموني سنڌي پڙهائيندا. اداري جي سيڪريٽري ڊاڪٽر احسان دانش سڀني مهمانن جا ٿورا مڃيا ۽ ٻڌايو تہ ٻولي اٿارٽيءَ جي بنيادي مقصدن ۾ استادن، ميڊيائي نمائندن توڙي عام ماڻهن کي سنڌي ٻولي سيکارڻ، سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌ ويجهہ لاءَ ڪوششون ڪرڻ شامل آهي ۽ تازو قائم ڪيل سنڌي سکيا مرڪزن ۾ ٽن قسمن جا ڪورس شروع ڪرڻ وارا آهيون (1) خانگي استادن کي سنڌي پڙهائڻ جو هڪ ماهي ڪورس. (2)سنڌي نہ ڄاڻندڙ خواهشمند ڀائرن ۽ ڀينرن لاءِ ٽن مهينن جو بنيادي سنڌي ڪورس ۽ (3) انگريزي ۽ اردو وسيلي آنلائن سنڌي سکيا.

ناميارو شاعر مختيار ملڪ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ هي ادارو هاڻي سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ لاءِ نئين زاويي سان ۽ نئين جذبي سان ڪم ڪري پيو. 1853ع کان سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجهہ جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو اسان سڀن جي سجاڳي ذريعي ڪڏهن ختم نہ ٿيڻ گهرجي.

امر فياض ٻرڙي، اداري جي سنڌي سکيا واري ايپ بابت مختصر تعارف پيش ڪيو ۽ ٻڌايو تہ پرڏيهي محققن کي هن ايپ مان وڏو فائدو ملندو. ايپ ۾ سنڌي اُچار/آواز، انگ، گرامر، لفظي ترتيب، شامل آهن. جنهن کي پلي اسٽور ۾ Sindhi sikhya لکي انسٽال ڪري سگهجي ٿو.

تعليمدان ۽ ليکڪ ادريس جتوئي چيو تہ تمام خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، سنڌي ٻوليءَ بابت جيڪي وڏڙن جا خواب هئا، اڄ ساڀيان ماڻين پيا. هي شروعات آهي. اڳ ۾ بہ ڪراچيءَ ۾ سينٽر هليا هئا، پر مستقل نہ هلي سگهيا، اهو سلسلو وري بحال ٿيو آهي.

آئي ٽي ماهر ڊاڪٽر مظهر ڏوتيي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ اڄ اسان سڀني لاءِ خوشيءَ جو موقعو آهي. مون جڏهن شاهراهہ فيصل تان گذرندي هن مرڪز جو سنڌيءَ ۾ لڳل بورڊ ڏٺو تہ دل باغ بهار ٿي وئي. هن چيو تہ ورچوئل ايپ مان وڏو فائدو ٿيندو. ماڻهو گهرن ۾ ويهي بہ سنڌي سکي سگهن ٿا. هن جديد دور ۾ اها مڃيل حقيقت آهي تہ دنيا جي وڏين يونيورسٽين ۾ A.I. جا طريقا اپنايا وڃن ٿا. ٻولي اٿارٽيءَ جي انتظاميا کي مبارڪون هجن.

ڊاڪٽر آفتاب ابڙي چيو تہ ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي سربراهيءَ ۾ ٻوليءَ تي سٺو ڪم ٿي رهيو آهي. هن ٻڌايو تہ ارسطوءَ جي قول مطابق سچ تہ لفظن جي درست اُچار يا مناسب استعمال نہ ڪندڙن لاءِ سزائون مقرر ڪيون وڃن. هن چيو تہ والدين ٻارن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ وقت ڪڍي سنجيدگي اختيار ڪن.

اداري 'اسٽيڊا' جي ڊائريڪٽر رسول بخش شاهہ چيو تہ سکيا جي طور طريقن بابت ٻولي اٿارٽيءَ سان هر سهڪار لاءِ تيار آهيون. سنڌي سکيا جو هي پروگرام نهايت اهم آهي.

ناميارو محقق ڊاڪٽر شير مهراڻي اداري کي مبارڪون ڏيندي چيو تہ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هي مرڪز گهمي دل خوش ٿي وئي. هي بين الاقوامي ۽ گهڻ ٻوليائي شهر آهي. هتان ڪيترا نوجوان، مختلف ادارن جا سربراهہ اسان سان سنڌي سکيا بابت رابطو ڪندا آهن، پر اسان وٽ اڳ ۾ ٻوليءَ ۾ سکيا جو ڪو بہ جوڳو انتظام ڪونہ هو. ڪراچيءَ ۾ان مرڪز جي اشد ضرورت هئي، هن چيو تہ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو سنڌي شعبو هر قدم تي سهڪار ڪندو.

هن تقريب جي ڪمپيئرنگ نامياري براڊڪاسٽر ياسر قاضي ڪئي.

### آن لائين مباحثو

# ”استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جون حُسناڪيون“




سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري پاران 'استاد بخاري جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جون حُسناڪيون' جي عنوان سان آن لائين مباحثو ٿيو هن مباحثي ۾ سنڌي ٻوليءَ جا ناميارو شاعر ۽ ليکڪ علي دوست عاجز ۽ علي آڪاش مهمان طور شريڪ ٿيا. مذاڪري جي ميزباني سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري جي سيڪريٽري ۽ ڊاڪٽر احسان دانش ڪئي.

مذاڪري ۾ ڳالهائيندي ناميار شاعر علي دوست عاجز چيو ته: جيڪو وڏو شاعر هوندو آهي، اهو ڪيترن دورن جو شاعر بڻجي ويندو آهي، ڪنهن شاعر کي صرف عوامي شاعر چئي ڇڏڻ به ان کي نظرانداز ڪرڻ جو طريقو آهي، هزارين ڪيستي شاعر به عوامي شاعر سڏبا رهيا آهن، جيڪي هڪ دور تائين رهيا، پر استاد بخاري پنهنجي ٻوليءَ ۽ اسلوب جي ڪري ئي عوامي شاعر سڏجي ٿو جيڪو هر دور جو شاعر آهي. هن چيو ته استاد بخاري ٻوليءَ جو ناتارو ۽ سونارو سڏبو آهي، هُو ڪچي جو ماڻهو هو هن سادن لفظن کي نئين معنا ڏني، استاد مشاهداتي شاعر هو جنهن خوبصورت شاعري ڪري نج ٻوليءَ کي تخليقي حسن سان پيش ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته استاد بخاري، موسيقار شاعر هو ته سئو کان وڌيڪ امن جون ڌنون به پاڻ ناهيون. هُو مڪمل شاعر هو ۽ هن فڪري ڳالهين کي به رومانس ۾ پيش ڪيو اهو سندس ڪمال هو.

ناميار شاعر علي آڪاش چيو ته: شاهه لطيف کان پوءِ شيخ اياز، نارائڻ شيام ۽ استاد بخاري سنڌي ٻوليءَ جا وڏا شاعر هئا، استاد بخاري، ڌرتيءَ جي نج ۽ عام واهپي وارن لفظن کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ان ڪري ئي هو عام ماڻهو سان جُڙي ٿو هن ڪچي ۽ ڪاڇي جي سنگم واري ٻوليءَ کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ايئن استعمال ڪيو جو هر پڙهندڙ ان کي پنهنجو محسوس ڪري ٿو. هن چيو ته استاد بخاري جي شاعري ۾ عام ماڻهوءَ جي نمائندگي ان ڪري لڳي ٿي، جو هن عام ماڻهو جي نج ٻوليءَ کي استعمال ڪيو آهي، استاد بخاري گيت کي روايتي انداز مان ڪڍي نئين انداز ۽ لهجي ۾ لکيو. هن چيو ته استاد بخاري فڪري خيال کي به عام ماڻهو جي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو. سندس مقبوليت نج ٻوليءَ، عوامي انداز ۽ روايتن کان هٽي ڪري شاعري ڪرڻ جي ڪري آهي، هو هر دور جو شاعر آهي.

# ميونسپل ڪارپوريشن ۽ ٻين ادارن ۾ سنڌيءَ ۾ دفتري لکپڙهه لاءِ اداري طرفان خط جاري


سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمين ڊاڪٽر اسحاق سميجي جي هدايتن تي، اداري جي ترجمان سليم جروار، ميونسپل ڪارپوريشن قاسم آباد جي چيئرمين عبدالغفور درس ۽ ايڊمن آفيسر محمد حيات چانڊيي سان ملاقات ڪري، ملڪي آئين ۽ سنڌ اسيمبلي جي پاس ڪيل قراردادن موجب سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ جي استعمال بابت اداري جو

پيغام ۽ خط پهچايو جنهن موجب

ڏنو. ميونسپل ڪارپوريشن جي حدن ۾ دفتري لکپڙهه، جهڙوڪ: ڄم، موت جي سرٽيفڪيٽ، نڪاح نامن ۽ ٻين داخلائن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي آئين موجب استعمال ڪرڻ لاءِ گذارش ڪئي، ان ڏس ۾ اداري پاران سنڌي ڪمپوزنگ جي سلسلي ۾ فني سهڪار جي پڻ آڇ ڪئي وئي آهي.

ملاقات دوران چيئرمين عبدالغفور درس ۽ محمد حيات چانڊيي اداري جي اهڙي ڪوشش جي ساراهه ڪندي دفتري لکپڙهه ۽ سرٽيفڪيٽ سنڌيءَ ۾ جاري ڪرڻ جي خاطري ڪرائي. ان موقعي تي ميونسپل ڪارپوريشن جي چيئرمين کي اداري پاران ڇپيل سنڌي ٻوليءَ جرنل ۽ سنڌي ٻوليءَ خبرنامو ڏنو ويو.

# اداري طرفان ’آن لائن سنڌي سکيا‘ جا ڪلاس شروع




سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري طرفان سڄي دنيا مان سنڌي سکڻ جي خواهشمندن لاءِ ’آن لائن سنڌي سکيا‘ جو ڪورس متعارف ڪيو ويو آهي. هن ڪورس جا باقاعده ڪلاس 22 نومبر 2023ع کان هلندڙ آهن. هن ڪورس ۾ برطانيا، آسٽريليا، دبئي ۽ ڀارت کان علاوه پاڪستان جي جي ٻين صوبن جا مختلف طبقن سان واسطو رکندڙ ماڻهو گهر ويٺي سنڌي سکي رهيا آهن. هن ڪورس لاءِ اداري جي ڪئمپ آفيس ڪراچيءَ جي اعزازي ائڊمنسٽريٽر، نامياري براڊ ڪاسٽر ۽ ليکڪ ياسر قاضيءَ کي ذميواريون سونپيون ويون آهن، جيڪو روزانو شام جو (پاڪستان جي معياري وقت مطابق) ڇهين وڳي آن لائن سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ڏيئي رهيو آهي.

اداري طرفان ڪراچي مرڪز ۾ خانگي استادن جي سکيا جو هڪ مهيني جو ڪورس پڻ 22 نومبر کان شروع ٿي چڪو آهي. ان ڪورس لاءِ تربيت ڪار طور سنڌيءَ جو استاد مرتضيٰ ناز خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. اداري جي چيئرمئن موجب ڪراچي ڪئمپ آفيس ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ نفاذ سان لاڳاپيل ٻيون سرگرميون پڻ منعقد ڪيون وينديون.











## ’سنڌي ٻولي سکيا مرڪز‘ سکر ۾ پڻ ڪلاسن جي شروعات

ڪلچرل ڪامپليڪس سکر ۾ قائم ڪيل مرڪز ۾ خانگي استادن لاءِ هڪ مهيني جو ’سنڌي سکيا ڪورس‘ شروع ٿي چڪو آهي ۽ جلد ئي سنڌي نہ ڄاڻندڙ فردن لاءِ ٽن مهينن جو بنيادي ڪورس پڻ شروع ڪيو ويندو. خانگي استادن کي ’سنڌي پڙهائڻ جي سکيا‘ جو ڪرس 28 نومبر کان تعليمي ماهر ڊاڪٽر وحيد ڪلوڙ جي نگرانيءَ ۾ جاري آهي.

وڇوڙا

# ولي رام ولڀ




سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار، نقاد، شاعر ۽ مترجم ولي رام ولڀ 29 آڪٽوبر 2023ع تي لاڏاڻو ڪري ويو. سنڌس وڇوڙي تي اداري جي چيئرمئن ۽ سيڪريٽري پاران ڏک جو اظهار ڪندي چيو ته ولي رام ولڀ سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو خاموش خدمتگار هو جنهن تخليقي ڪم سان گڏ عالمي ادب جا معياري ترجما ڪري سنڌي ادب کي نوان لاڙا ڏنا.

ولي رام ولڀ، 18 آگسٽ 1941ع (سرڪاري رڪارڊ موجب 15 مارچ 1941ع) تي مٺيءَ ۾ ڪيول رام لوهاڻي جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم مٺي مان حاصل ڪئي. اُن کان پوءِ ايل ايل بي (1969ع)، سميت اردو (1967ع)، سماجيات (1971ع) ۽ ماس ڪميونيڪيشن (1991ع) ۾ ايم. اي جون ڊگريون سنڌ يونيورسٽي ۽ جناح ڪاليج ڪراچيءَ مان حاصل ڪيون. ڪيس هندي سميت ڍاٽڪي، پارڪري، گجراتي، سرائڪي ۽ پنجابي ٻولين جي به سٺي ڄاڻ هئي. 1988ع کان 2001ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي تحقيقي اداري انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي مختلف شعبن ۾ خدمتون انجام ڏنيون. 15 مارچ 2001ع تي ساڳئي اداري مان ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٿراپالاجيڪل ميوزيم جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو. سنڌالاجيءَ ۾ ملازمت دوران هي ڇهه ماهي 'سنڌي ادب' مخزن جي پنجن پرچن جو ايڊيٽر ۽ مائڪرو فلم سيڪشن جو ڪجهه وقت انچارج پڻ رهيو. ان دوران هن مختلف پرڏيهي زبانن جي مشهور ناولن ۽ ڪهاڻين جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ۽ ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ گُوتائون به لکيون. ان کان سواءِ چونڊ پرڏيهي شاعريءَ جو ترجمو به ڪيو جن جو تفصيل هن رِيت آهي:

**ترجمو ڪيل ناول:** (1) غدار (1968ع)، (2) سيتا هرڻ (1977ع)، (3) بند دروازو 1978ع، (4) ڏاريو (1993ع)، (5) پوئين پهر جا پاڇيڙا (2000ع)، (6) ائناڪرينينا، (7) ڪهاڻي هُنن جي، (8) سُمهيل پاڻي، (9) چِتن ڪتن جو مسيحا ۽ (10) ڪارو ڪتاب.

**ترجمو ۽ ترتيب ڏنل ڪهاڻيون:** (1) ٽين دنيا جون ڪهاڻيون (1980ع)، (2) ٽڪل سريت ۽ ٻيون ڪهاڻيون، (1983ع)، (3) نيڻ تارا ۽ ٻيون ڪهاڻيون (2003ع)، (4) بهشت ۽ دوزخ ۽ ٻيون ڪهاڻيون (2004ع)، (5) منڙا ياءَ...! ۽ ٻيون ڪهاڻيون (2006ع)، (6) پرڏيهي ڪهاڻيون (2011ع). اصلوڪيون ڪهاڻيون: (1) زندگيءَ جو هڪ ڪپيل ٽڪرو ۽ ٻيون ڪهاڻيون (2001ع)، (2) ليڪا نه اورانگهڻ جهڙا (2004ع) **ترجمو ڪيل شعري مجموعا:** (1) گُوتا ڦلواڙي (2006ع)، (2) اڏارون آڪاس ۾ (طبع زاد)، (3) لؤ (شمشير الحيدريءَ جي شعري مجموعي 'لاٽ' جو اردو ترجمو (4) 'ڪير ڏارا') ٻه جُلد. آتم ڪٿائون ۽ انٽرويوز جا ترجما (1) اقبال (1977ع)، (2) سدا ساوا پن (1984ع)، (3) مون وٽ نه ڪا پيتي، نه ڪو ڪلف ڪنجي (2004ع)، (4) 'موڪا ميلو' (انٽرويو) خطن جا مجموعا: (1) 'جي مارن مون ڏي مُڪا'، (2) 'سنيهڙا' ولي رام '1947ع کان اڳ سنڌي ادب ۾ ڇپيل ترجمن جو تحقيقي جائزو' جي سري هيٺ مقالو پڻ لکيو. هُن 1983ع ۾ پروفيسر ظفر حسن سان گڏجي 'آرسي' نالي سان هڪ ڪتابي سلسلو جاري ڪيو. جنهن جا 1985ع تائين، پنج پرچا شايع ٿيا. ڪيس ڪيترائي ايوارڊ پڻ مليا.

# سيد گل محمد شاهه بخاري



نامياري اديب ۽ شاعر سيد گل محمد ولد غلام شاهه بخاري، 25 آڪٽوبر 2023ع تي شهدادڪوٽ ۾ وفات ڪئي. 21 آگسٽ 1960ع تي شهدادڪوٽ ۾ ڄائو. پاڻ ڪاليج ۾ پروفيسر هجڻ سان گڏوگڏ سٺو شاعر به هو. سيرت پاڪ سان سندس خاص لڳاءُ هو. سندس لائبريري هزارين ڪتابن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ديني ۽ سيرت پاڪ جي ڪتابن جي اڪثريت آهي. سيرت اڪيڊمي شهدادڪوٽ جو باني ڪار ۽ سنڌي ادبي سوسائٽي، سنڌ جو مرڪزي جنرل سيڪريٽري هو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾: (1) 'سبحان جي ساراهه' (سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون حمديه ديوان)، (2) 'ذڪر رسول' (نعتيه شاعري)، (3) 'سرور عالم' (نعتيه ديوان)، (4) 'سيد المرسلين' (نعتيه شاعري)، (5) 'شهدادڪوٽ جا قلمڪار' ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. ڪيس سندس نعتيه شاعريءَ جي ٻن ڪتابن 'ذڪر رسول صہ' ۽ 'سرور عالم' تي 1991ع ۾ صدارتي ايوارڊ به مليو. سندس وڇوڙي تي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي چيئرمئن ۽ سيڪريٽري افسوس جو اظهار ڪيو.

# سنڌي سکيا اينڊرائيڊ ايپليڪيشن



https://bit.ly/sindhiSikhya

- سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران، سنڌي ٻولي سکڻ جي خواهشمندن لاءِ اينڊرائيڊ ايپليڪيشن سنڌي سکيا (Sindhi Sikhya) تيار ڪئي وئي آهي.
- سنڌي ٻولي سکندڙن لاءِ هيءَ نهايت اهم ايپليڪيشن آهي، جنهن جو ٻهريون شمارو انگريزي ٻوليءَ وسيلي سنڌي سکڻ تي ٻڌل آهي.
- هن ايپليڪيشن ۾ سنڌي سکڻ لاءِ سکيا جي عمل کي مختلف حصن ۾ ورهايو ويو آهي. بنيادي الفابيٽ کان ويندي ڳالهائڻ جا لفظ، گردان، ننڍا توڙي وڏا جُملا آوازن سميت شامل آهن، جيڪي سکڻ جي خواهشمندن کي ڪنهن انٽرنيٽ ڪنيڪشن کان سواءِ سنڌي سکڻ ۾ مدد ڏيندا.
- بنيادي سنڌي الفابيٽ، انگريزي ۽ اردوءَ ۾ پڻ رکي وئي آهي، تہ جيئن سکندڙ کي آساني ٿئي. هرهڪ اکر جو آواز، لکڻ جو طريقيڪار، ان اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ ۽ انهن جون شڪليون پڻ شامل ڪيون ويون آهن.
- هن ايپ ۾ الفابيٽ جي اکرن جي فهرست، رنگن ۽ ڳڻپ جا سبق، بنيادي جملا، پڻ شامل آهن. سنڌيءَ ۾ مختصر مضمون، گرامر، ڳالهائڻ جا لفظ (parts of speech) ۽ سوال جواب پڻ شامل آهن.
- هيٺ ڏنل لنڪ تان Sindhi Sikhya ايپليڪيشن موبائيل ۾ انسٽال ڪري سگهجي ٿي:

https://play.google.com/store/apps/details?id=app.sla.learnsindhi

سنڌي سکيا- **Sindhi Sikhya**
**https://bit.ly/SindhiSikhya**

## ”سنڌي ٻولي“ خبرنامي کي رسالي طور شايع ڪرڻ جو اعلان

اداري جي ترجمان رسالي "سنڌي ٻولي“ خبرنامي کي نئين رنگ ڍنگ سان هڪ علمي رسالي طور شايع ڪرڻ جو اعلان ڪجي ٿو.

ايندڙ پرچي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي درپيش للڪارن، مسئلن، دنيا جهان ۾ ٻولين جي ترقي ۽ بچاءَ لاءِ ٿيندڙ اُپراءَ بابت عالمن، اديبن جا انٽرويو، رپورٽون، عام پڙهندڙن جا تاثر، رايا ۽ خط پڻ شامل ڪيا ويندا. گڏوگڏ سنڌي ٻوليءَ بابت تخليقي لکڻيون، شعر، سنڌي درسي ڪتابن ۾ غلطين جي نشاندهيءَ تي ٻڌل مضمون پڻ شامل ڪيا ويندا.


**ايندڙ پرچي جو سوال: هڪ سروي/جائزو**

**موجوده دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڪهڙا خطرا يا للڪارون آڏو آهن؟**

**مواد موڪلڻ لاءِ پتو:**

ايڊيٽر ”سنڌي ٻولي“
سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو،
لڳ سنڌ ميوزيم حيدرآباد

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
SINDHI LANGUAGE AUTHORITY



## سنڌي ٻوليءَ جي سرواڻ شاعر

# شيخ اياز جا سنڌي ٻوليءَ بابت ويچار ۽ ڪجهه شعر

”ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ ۾ قوميت جون جَڙون ٿينديون آهن. ڌرتيءَ کان سواءِ بہ قوميت ٽِڪي سگهي ٿي، پر ٻوليءَ کان سواءِ اُن جو وجود برقرار رکڻ ناممڪن آهي... اِها اسان جي سنڌ هئي، جنهن پوري برصغير کي مُهذب زندگي ڏني هئي. برصغير جي تاريخ جو هر ڪتاب موهن جي دڙي جي تمدن سان شروع ٿئي ٿو. اسان جي ٻولي بہ دنيا جي قديم ترين ٻولين مان آهي. ان جي عمر گهٽ ۾ گهٽ پندرهن هزار سال آهي. موهن جي دڙي جي پنج هزار سال پراڻي تمدن تائين پهچڻ لاءِ، اسان جي ٻوليءَ ڪيئي هزار سال ارتقا جون منزلون طيءِ ڪيون هونديون.“

[شيخ اياز: خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو-1 ص 264]

”اها تسليم ٿيل ڳالهہ آهي تہ 5-هزار سال اڳي سنڌي ٻولي ملي ٿي، جيتوڻيڪ ان جو رسم الخط عربي نہ هو. جنهن تمدن سان اها ٻولي ساٿ رکي رهي هئي، انهيءَ تمدن ايتري ترقيءَ لاءِ ڏهہ هزار سال ٻيا بہ ورتا هوندا. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ سنڌي ٻولي اٽڪل 15-هزار سال پراڻي آهي ۽ عراق جي ٻوليءَ کان بہ جهوني آهي، جا دنيا جي قديم ترين ٻولي تسليم ڪئي وئي آهي.“

[شيخ اياز، 27 -فيبروري 1994ع تي روزاني ”برسات“ ۾ ڇپيل ايڊيٽوريل]

ڪو جو چوي ائين: ’تنهنجي ماءُ مري وئي‘
۽ توکي ڳوڙها اچن، اهو ڏڻ سِيئن
ٻولي تنهنجي تيئن، آهي امڙ وانگيان!

❁

ميان! تون تہ اجا نہ ٿو، سنڌيءَ ۾ سوچِين،
پنهنجو پاڻ ڪرين، روز پيو تون ترجمو!

❁

جيڪي سنڌيءَ ۾، سو ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ڪٿي!
اڙدوءَ، هنديءَ ۾، تون آهين جڻ اوپرو.

❁

جيڪا ٻولي ٿڃ سان، تُنهنجي پيٽِ پئِي!
سا تو ڪيئن ڪئي، اڄ ڪلهہ آهي اوپري!

❁

پنهنجي ٻوليءَ ۾ ميان، جڏهن چوندي ماءُ،
توکي اهڙو ساءُ، ڏيندي ٻي ٻولي ڪٿي؟

- شيخ اياز